# انساني حقن جو عالمي پڏرنامو

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ 10 ڊسمبر 1948 تي”انساني حقن جو عالمي پڏرنامو“ منظور ڪري، ان جو عام اعلان ڪيو. اڳين صفحن تي ان پڏرنامي جو مڪمل متن لکيل آهي. ان تاريخي ڪارنامي کان پوءِ اسيمبليءَ پنهنجن سمورن ميمبر ملڪن تي زور پريو ته اهي به پاڻ وٽ اهو اعلان عام ڪن ۽ ان جي سڏ سماءَ ۾ حصو وٺن. مثال طور ان کي نمايان جڳهن تي آويزان ڪيو وڃي. خاص طور تي ان کي اسڪولن ۽ تعليمي ادارن ۾ پڙهي ٻڌايو وڃي ۽ ان جا تفصيل واضع ڪيا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به ملڪ يا علائقي جي سياسي حيثيت جي حوالي سان ڪوئي به فرق نه رکيو وڃي.

آخري مسند متن

گڏيل قومن جي سڏ سماءَ جو کاتو نيويارڪ

انساني حقن جو عالمي پڏرنامو

**تمهيد**

جيئن ته هر انسان جي ذاتي عزت ۽ حرمت ۽ انسانن جي گڏيل ۽ ناقابل انتقال حقن کي دنيا ۾ آزادي، انصاف ۽ امن جو بنياد آهي،

جيئن ته انساني حقن سان لاپرواهي ۽ ان جي بيحرمتي اڪثر اهڙن وحشي عملن جي صورتن ۾ ظاهر ٿي آهي، جن سان انساني ضمير کي گهرا رنج رسيا آهن ۽ عام انسانن جي سڀ کان بلند آرزو اها رهي آهي ته اهڙي دنيا وجود ۾ اچي، جنهن ۾ سمورن انسانن کي پنهنجي ڳالهه چوڻ ۽ پنهنجي عقيدي تي قائم رهڻ جي آزادي حاصل هجي ۽ هو خوف ۽ گهرج کان محفوظ هجن،

جيئن ته اهو بيحد ضروري آهي ته انساني حقن کي قانون جي عملداريءَ ذريعي محفوظ بڻايو وڃي. جيڪڏهن اسان نه ٿا چاهيون ته انسان ڏاڍ ۽ جبر مان تنگ اچي بغاوت ڪرڻ تي مجبور ٿي،

جيئن ته اهو ضروري آهي ته قومن جي وچ ۾ دوستيءَ وارا ناتا رشتا وڌايا وڃن،

جيئن ته گڏيل قومن جي ميمبر قومن پنهنجي چارٽر ۾ بنيادي انساني حقن، انساني شخصيت جي حرمت ۽ قدر ۽ مردن ۽ عورتن جي برابر حقن جي باري ۾ پنهنجي عقيدي جي ٻيهر تصديق ڪئي آهي ۽ وسيع آزاديءَ جي فضا ۾ معاشرتي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي،

جيئن ته ميمبر ملڪن اهو وچن ڪيو آهي ته هو گڏيل قومن جي گڏيل سهڪار سان سموري دنيا ۾ اصولي طور تي ۽ عملي طور تي انساني حقن ۽ بنيادي آزادين جو وڌ ۾ وڌ احترام ڪندا ۽ ڪرائيندا،

جيئن ته ان وچن جي تڪميل لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن حقن ۽ آزادين جي نوعيت کي سڀ سمجهي سگهن، ان ڪري،

جنرل اسيمبلي

اعلان ڪري ٿي ته

انساني حقن جو اهو عالمي پڌرنامو سمورين قومن جي لاءِ مقصد حاصل ڪرڻ جو گڏيل معيار هوندو، جيئن هر فرد ۽ معاشري جو هر ادارو ان منشور کي نظر ۾ رکي تعليم ۽ تبليغ جي ذريعي انهن حقن ۽ آزادين جو احترام پيدا ڪري ۽ انهن قومي ۽ بين القوامي ڪارروائين جي ذريعي ميمبر ملڪن ۾ انهن قومن ۾ جيڪي ميمبر ملڪن جي هٿ وس هجن، تن کي مڃائڻ جي لاڳيتي ڪوشش ڪري سگهي.

**آرٽيڪل 1.**

سمورا انسان آزاد ۽ عزت ۽ حقن جي حوالي کان برابر پيدا ٿيا آهن. انهن کي عقل ۽ ضمير حاصل ٿيو آهي، ان ڪري انهن کي هڪ ٻئي سان ڀائيچاري وارو سلوڪ اختيار ڪرڻ گهرجي.

**آرٽيڪل 2 .**

هر فرد انهن سمورين انساني آزادين ۽ حقن جو حقدار آهي، جيڪي هن اعلان ۾ بيان ڪيل آهن ۽ ان حق تي رنگ، نسل، جنس، زبان، مذهب ۽ سياسي متڀيد جو يا ڪنهن به قسم جي عقيدي، قوم، سماج، دولت يا خانداني حيثيت جو ڪوئي فرق نه پوندو، ان کان سواءِ جنهن ملڪ يا علائقي سان اهو فرد تعلق رکي ٿو، ان جي سياسي ڪيفيت يا اختيار جو دائرو بين القوامي حيثيت جي بنياد تي ان سان ڪوئي فرق وارو سلوڪ اختيار نه ڪيو ويندو، ڀلي اهو

ملڪ آزاد هجي يا ڪاٽيارو يا غير مختيار هجي يا سياسي اختيار جي حوالي سان ڪنهن بين پابنديءَ جو شڪار هجي.

**آرٽيڪل 3 .**

هر فرد کي پنهنجي زندگي، آزادي ۽ ذات جي حفاظت جو پورو حق حاصل هوندو.

**آرٽيڪل 4 .**

ڪنهن به فرد کي غلاميءَ يا ٻانهائپ ۾ نه جڪڙيو ويندو. غلامي ۽ غلامن جي واپار جي هر روپ کي روڪيو ويندو.

**آرٽيڪل 5.**

ڪنهن به فرد کي تشدد، ان سان ڪٺور سلوڪ، تذليل ڪندڙ ۽ غيرانساني سلوڪ نه ڪيو ويندو.

**آرٽيڪل 6.**

هر فرد کي هر هنڌ تي قانون آڏو پنهنجي شخصي حيثيت جي مڃتا حاصل هوندي.

**آرٽيڪل 7 .**

قانون جي نگاهه ۾ سمورا فرد برابر آهن ۽ بنا ڪنهن مت ڀيد جي قانوني حقن جا هڪ جيترا حقدار آهن. هر هڪ هن پڌرنامي جي ابتڙ ٿيندڙ امتيازي سلوڪ يا اهڙي مت ڀيد واري سلوڪ جي ترغيب ڏيڻ کان تحفظ جو حق حاصل آهي.

**آرٽيڪل 8 .**

هر فرد کي آئين ۽ قانون کان مليل بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي سبب ڪيو ويندڙ سلوڪ جي صورت ۾ اهو حق حاصل آهي ته هو بااختيار قومي عدالتي يا ٽرابيونلن کان ان لتاڙ ۽ ڀڃڪڙي جو اثرائتو ازالو حاصل ڪري.

**آرٽيڪل 9.**

ڪنهن به فرد کي زوريءَ زبردستيءَ گرفتار ڪري، قيد يا جلاوطن نه ڪيو ويندو.

**آرٽيڪل 10.**

هر فرد کي پنهنجي خلاف لڳل ڏوهاري تهمتن ۽ پنهنجي حقن ۽ فرضن جي مقرريءَ واسطي، هڪ جيترو حق حاصل آهي ته ملڪ جي آزاد ۽ غيرجانبدار عدالت يا ٽربيونل هن جو موقف کلي عام ٻڌي.

**آرٽيڪل 11.**

(1)هر فرد کي جنهن مٿان ڪو سزا جوڳو الزام لڳايو ويو آهي، ايستائين معصوم سمجهيو وڃي، جيستائين قانوني طرح، عدالتي ڪارروائيءَ دوران، جنهن ۾ هن کي پنهنجي تحفظ جي سلسلي ۾ هر قسم جي ضمانت حاصل هجي، اهو الزام ثابت نه ٿو ٿئي.

(2)ڪنهن به فرد کي اهڙي ڏوهه يا غفلت جي ڪري، سزا جوڳي ڏوهه جو ڏوهاري نه سمجهيو وڃي، جيڪو ڏوهه يا غفلت قومي يا بين القوامي قانون پٽاندڙ سزا جوڳو نه هجي. ڪنهن به فرد جي مٿان هن جي ڪيل ڏوهه کان وڌيڪ سزا مقرر نه ڪئي وڃي.

**آرٽيڪل 12.**

ڪنهن به فرد جي پرائيويسي، ڪٽنب، گهر، خط و ڪتابت ۾ ارهه زواري ڪري مداخلت نه ڪئي ويندي، ۽ نه ڪنهن جي عزت ۽ حرمت تي حملو ڪيو ويندو، هر فرد کي اهو حق حاصل آهي ته هو اهڙي مداخلت يا حملي کان بچڻ لاءِ قانون جو تحفظ حاصل ڪري.

**آرٽيڪل 13.**

(1)هر فرد کي اها آزادي حاصل آهي ته هو رياست جي جنهن به پاسي وڃڻ چاهي، پلي وڃي يا جتي چاهي اتي رهائش اختيار ڪري.

(2)هر فرد کي اهو حق حاصل آهي ته پنهنجي ملڪ سميت ڪو به ملڪ ڇڏي هليو وڃي يا پنهنجي ملڪ واپس وري.

**آرٽيڪل 14.**

(1)هر فرد کي اهو حق آهي ته پاڻ کي ظلم ۽ ستم کان بچائڻ جي لاءِ ٻين ملڪن ۾ پناهه وٺي ۽ رهي.

(2)اهڙي حق جو ان وقت استعمال نه ڪيو ويندو، جڏهن ڪو فرد غيرسياسي ڏوهن سبب عدالتي ڪارروائين ڪي منهن ڏيندڙ هوندو يا اهڙين سرگرمين ۾ ملوث هوندو، جيڪي گڏيل قومن جي مقصدن ۽ اصولن جي ابتڙ هونديون.

**آرٽيڪل 15.**

(1)هر فرد کي قوميت جو حق حاصل آهي.

(2)ڪنهن به فرد کي زوريءَ زبردستيءَ قوميت کان محروم نه ڪيو ويندو ۽ نه وري ارهه زورائي ڪري پنهنجي قوميت حاصل ڪرڻ کان روڪيو ويندو.

**آرٽيڪل 16.**

(1)قانوني طور تي مخصوص عمر کي پهچڻ وارن مردن ۽ عورتن کي اهو حق حاصل آهي ته هو بغير ڪنهن رنگ، نسل ۽ مذهبي حدبندين جي پاڻ ۾ شادي ڪن ۽ خاندان جو بنياد وجهن، انهن کي شادي ڪرڻ مهل، شاديءَ ڪرڻ دوران ۽ شاديءَ جي پڄاڻيءَ وقت هڪجيترا حق حاصل آهن.

(2)خواهشمند جوڙن جي مڪمل ۽ آزاد رضامندي کان پوءِ ئي انهن جي شادي ڪرائي وڃي.

(3)ڪٽنب سماج جو هڪ فطري، بنيادي ۽ گروهي ايڪو آهي، ان کي سماج ۽ رياست پاران هر قسم جي تحفظ جو حق حاصل آهي.

**آرٽيڪل 17.**

(1)هر فرد کي اڪيلي يا ٻين سان گڏ ملڪيت رکڻ جو حق حاصل آهي.

(2)ڪنهن به فرد کان زوريءَ زبردستيءَ ملڪيت نه ڦري ويندي.

**آرٽيڪل 18.**

هر فرد کي مذهب، ضمير ۽ خيال جي مڪمل آزادي حاصل آهي. ان حق ۾ اهو به شامل آهي ته ڪو چاهي ته پنهنجو مذهب يا عقيدو بدلائي، ۽ کيس اها آزادي به حاصل آهي ته هو اڪيلي سر يا ٻين سان گڏجي، سکيا، عمل، عبادت ۽ بجاآوريءَ ۾ پنهنجي مذهب يا فڪر کي پڌرو ڪري.

**آرٽيڪل 19.**

هر فرد کي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي، هن حق ۾ هڪ پاسي اها آزادي حاصل آهي ته هو پنهنجا رايا ڪنهن جي مداخلت بغير قائم رکي، ۽ ٻئي پاسي بنا سرحدن جي لحاظ جي، جتي ۽ جئين چاهي پنهنجا تصور ۽ ڄاڻ اماڻي ۽ ٻين کان حاصل ڪري.

**آرٽيڪل 20.**

(1)هر فرد کي پرامن ميڙ ڪٺو ڪرڻ يا تنظيم ٺاهڻ يا تنظيم ڪاري ڪرڻ جو مڪمل حق حاصل آهي.

(2) ڪنهن به فرد کي جبر ذريعي ڪنهن تنظيم جو حصو نه بڻايو ويندو.

**آرٽيڪل 21.**

(1)هر فرد کي اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي ملڪ جي سرڪار ۾ سڌي طرح سان يا پنهنجي آزاد نموني سان چونڊيل نمائندن جي ذريعي شامل ٿئي.

(2)هر فرد کي پنهنجي ملڪ ۾ حڪومتي خدمتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو هڪ جيترو حق حاصل آهي.

(3)عوام جي مرضي هر سرڪار جي اختيار جو بنياد ٿيندي. ان جو اظهار وقتائتي ۽ حقيقي چونڊن سان ٿيندو، جن ۾ هر بالغ کي آزاد پر ڳجهي طرح سان يا ٻئي ڪنهن آزاد طريقي ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل هوندو.

**آرٽيڪل 22.**

هر فرد کي سماج جي هڪ ايڪي هجڻ جي حيثيت ۾ سماجي تحفظ جو حق حاصل آهي ۽ هر هڪ کي اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي حرمت ۽ آزاد شخص اوسر جي لاءِ سماجي، اقتصادي، ثقافتي حقن کي هر رياست جي وسيلن ۽ تنظيم پٽاندڙ قومي ڪوشش يا عالمي سهڪار سان حاصل ڪري.

**آرٽيڪل 23.**

(1)هر فرد کي ڪم ڪرڻ، آزاد نموني روزگار چونڊڻ، مناسب ۽ انصاف وارين حالتن هيٺ ڪم ڪرڻ ۽ بيروزگاريءَ کان تحفظ جو حق حاصل آهي.

(2)هر فرد کي بنا فرق جي هڪ جيتري ڪم جي هڪ جيتري پگهار حاصل ڪرڻ جو حق آهي.

(3)هر فرد جيڪو ڪم ڪار ڪري ٿو، اهو مناسب ۽ انصاف پري معاوضي جو حقدار آهي ته جيئن هو ۽ هن جو خاندان انساني وقار سان زندگي گذاري سگهن، ان لاءِ ضروري ٿئي ته ٻين سماجي تحفظ وارن ذريعن وسيلي انهن جي مدد ڪجي.

(4)هر فرد کي پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ ٽريڊ يونين ٺاهڻ ۽ ان ۾ شامل ٿيڻ جو حق حاصل آهي.

**آرٽيڪل 24.**

هر فرد کي آرام ۽ فرحت ماڻڻ ۽ ان سان گڏ محدود ڪم وارن ڪلاڪن ۽ پگهار سميت وقتي طور موڪل حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

**آرٽيڪل 25 .**

(1)هر فرد کي پنهنجي ذات يا خاندان جي صحت ۽ ڀلائيءَ جي لاءِ زندگيءَ جو معيار بشمول کاڌي، ڪپڙي، گهر صحت سنڀال ۽ ضروري سماجي خدمتن جي، حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي. بيروزگاري، بيماري، معذوري، جيون ساٿيءَ جي فوتگي، وڏي عمر يا وس کان ٻاهر وارين حالتن ۾ گذر سفر جي ذريعن جي اڻهوند وغيره جي صورت ۾ هر هڪ کي تحفظ جو حق حاصل آهي.

(2)ٻالڪ ڄڻي يا ماءُ ڄڻي واري عرصي دوران خاص سنڀال ۽ سهائتا حاصل ڪرڻ جو حق آهي، مڙني ٻارن کي ڀلي اهي قانوني توڙي غير قانوني ڄاوا هجن، ساڳيا سماجي تحفظ حاصل ڪرڻ جو حق آهي.

**آرٽيڪل 26 .**

(1)هر فرد کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. گهٽ ۾ گهٽ تعليم ايلمينٽري يا بنيادي سطح تائين فراهم ڪئي وڃي. ايليمنيٽري سطح تائين تعليم حاصل ڪرڻ لازمي هوندي. هڪ پاسي ٽڪينيڪل يا پروفيشنل تعليم کي عوام لاءِ موجود ڪيو ويندو ته ٻي پاسي اهليت پٽاندڙ اعليٰ تعيلم تائين پهچڻ جو حق سڀني هڪ جيترو حاصل هوندو.

(2)تعليم وسيلي هر هڪ جي انساني شخصيت کي وڌايو ويندو ته ٻي پاسي انساني حقن ۽ بنيادي آزادين واسطي احترام واري جذبي کي سگهارو ڪيو ويندو، ان جي معرفت قومن،

نسلي ۽ مذهبي گروهن جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي سمجهه، هڪ ٻئي لاءِ سهپ، دوستيءَ جا جذبا وڌايا ويندا، ٻي پاسي گڏيل قومن پاران امن لاءِ ڪيون ويندڙ ڪوششون واڌيون ويندون.

(3)والدين کي پنهنجي ٻار کي ڏني ويندڙ تعليم جي طريقي جي چونڊ جو اولين حق حاصل هوندو.

**آرٽيڪل 27.**

(1)هر فرد کي ويڙهي جي تهذيبي زندگيءَ ۾ آزاد انداز سان شامل ٿيڻ، لطيف فنن مان مزو ماڻڻ ۽ سائنسي ترقي ۽ ان جي فائدن ۾ حصيدار ٿيڻ جو حق حاصل آهي.

(2)سائنسي، ادبي ۽ فن وارين ڪاوشن جي ليکڪن کي پنهنجي ڪاوشن سان لاڳاپيل اخلاقي ۽ مادي مفادن جي تحفظ جو حق حاصل آهي

**آرٽيڪل 28.**

هر فرد اهڙي سماجي يا عالمي نظام يا دستور جو حقدار آهي، جنهن ۾ هن پڌرنامي ۾ اعلان ڪيل حق ۽ آزاديون حاصل ڪري سگهجن.

**آرٽيڪل 29.**

(1)هر فرد جون ڪميونٽيءَ ڏانهن ذميواريون آهن، جنهن ۾ هن جي شخصيت جي آزادي ۽ اوسر ممڪن آهي.

(2)پنهنجي حقن ۽ آزادي جي استعمال دوران ڪنهن تي ايتري حدبندي هوندي ته جيئن ٻين جي حقن ۽ آزاديءَ جو احترام ۽ ميڄتا محفوظ رهي سگهي ۽ جمهوري سماج ۾ عام ڀلائي، امن امان ۽ اخلاقيات جون عام تقاضائون پوريون ٿين.

(3)ڪنهن به حالت ۾ انهن حقن ۽ آزادين جو استعمال گڏيل قومن جي مقصدن ۽ اصولن جي ابتڙ نه ڪيو ويندو.

**آرٽيڪل 30.**

ڪنهن به فرد کي اهو حق حاصل ناهي ته هن پڌرنامي ۾ آيل حقن ۽ آزادين جي اهڙي وضاحت ڪري انهن کي هڪ رياست، گروهه يا فرد سان مخصوص ڪري ۽ پوءِ اهڙيون سرگرميون ۽ عمل ڪري، جن سان پڌرا ڪيل حقن ۽ آزادين جي ڀڃڪڙي ٿي.